مان ڪرم چوندس انهيءَ ۾ گرچه ٿيو مخفي غرض
تون نه وقتِ امتحانُ ڪر وار ڪي دلدار بند
هي فغانُ هي آه، هي فرياد-سڀ جاري رهن
اي غيرِ فرقت! نه ڪج پنهنجو ڪڏهن اظهار بند
لاهه تون پردو ته مان پيي هوش کان نڪري وڃان
عمر ساري جي ٿئي شورش پلي هڪوار بند
اڄ لڳس منهن وارو مقتل ۾ دهانِ زخم کان
پيش بسمل ٿي زبانِ خنجرِ خونخوار بند
آهه ڇا گهوارهٔ راحت نه آغوشِ نسيم
خواب نوشينُ ۾ ٿي چشمِ نرگسِ بيمار بند
تيغ ابرو جي ڪٽڻ سان سر رکيا ڊوڙي اسان
يار جي تلوار جو همٿ ۾ ٿي ٿي ويو وار بند
شل رکي قائم خدا تنهنجي مبارڪ هي زبان
ڪين ڪر انڪار سان پنهنجو ڪيل اقرار بند
حڪم آهي: هجر ۾ گوڙهو نه نڪري اڪ منجهان
آب دانه ڇو ڪيءِ بيمار جو اي يار بند

فصل گل آيو ٿيا ڪيڙا نه رنگارنگ گل
زرد، ابيض، سبز، نيلا، سوسنا، گلنار سرخ
ڪنهنجو خون اڄ آهه قاتل جي ليو گردن تي سوار
قتلگه ۾ آيو آهي جو ٻڌي دستار سرخ
خونِ وهائڻ جو ڪتو هنگي ٻهانو تنهن عزيز
خون ڪيڙو مون ڪيو جو آهه ٿيو ٻيڪار سرخ.

رديف د

سيني ۾ هت ۽ لب تي الم 'آه، آه' درد
ڏيهون رات 'درد، درد' ٿيو شام ۽ پگاه درد
ذرو نه ٿوڪي دل ۾ ٿيو رشڪ ماه درد
گهاري مون ساري عمر ڪري 'آه، آه' درد
جو هلندي هلندي سيني ۾ دم روڪجي پيو
آهي رهبر ڏکاري جا اڄ اُوڙ راه درد
مولکان نه پڇ تون ڪجهه، سندم درد دل جو حال
اي چاره ساز! درد جو خود ٿيو گواه درد
هر هر وڏي جو سيني ڏي منهنجو وجهڻو هٿ
سوزِ درون کان ٿو گهُري جا پناه درد
جو دم گذاريان ٿو منهنجي دم سان آهه گڏ
مولکي ڪري نباه پو ٿيندو نباه درد
هٿ کي رکي جگر تي ورهس تنم ناز مان
الله دل کي، ڪنهنجي ڏئي وني نگاه درد
الله دم جو عمر ڪري، منهنجا همنشين!
آهي الٻوم دل ۾ هنئر بي پناه درد
بي چين زلف و رخ جي تصور کان ٿيس عزيز
جا جا نه ٿئو پسائي سفيد و سياه درد.

جي هوُ كولي باغ اندر گل جيان رخسار سرخ
آگ قولن كي لگي ۽ ٿي پوي گلزار سرخ

پان سان ٿيا خوب دندانِ دهانِ يار سرخ
ٿي پيا شهرِ عدن جا ڪوچہ و بازار سرخ

آهہ ڪيڏو رنگ تاثيرِ مي گلنار سرخ
جو ڏسڻ سان ٿي ٿئي ٿي ديدهٔ ميخوار سرخ

تو وهائي بوندون ابرِ ديدهٔ خونبار سرخ
دامنِ دامن ٿيو مثلِ دامنِ گلزار سرخ

رشڪ جو ماريل نہ ڪيئن ٿي لالهٔ ڪهسار سرخ
سير گلشن تي جو نڪتو پائي هوُ گل- هار سرخ

ڪوچهٔ قاتل ۾ هوليءَ جي ملهائي عيد ڪنهن
خون جي پچڪارين سان ٿيا در و ديوار سرخ

خون جي ڌارا سان شامل آب خنجر تي ڏنو
ٿي پيو چمڪي ڪان جنهنجي سايهٔ ديوار سرخ

اي تنهنجي شانِ جمالي ۽ جلالي تان نثار
رنگ رخ گاهي سفيدو گاه روءِ يار سرخ

تو ڪرڻ چاهي جا هوُ زخمِ جگر تازا سندم
نامو جو آهي لکيو هن با خطِ گلزار سرخ

ٿي تمنّا دل جي ۾ اڄ عيد قربانُ جي خوشي
ڏس بڌي ٻڻ نڪتو پيڪانُ تا لبِ سوفار سرخ

اي حناماليده! تنهنجي وحشي جو هي رنگ آهہ
ٿي پيو پابوسي کان صحرا ۾ ٻڻ هر خار سرخ

...ات ۾ هر زخم جا هنڪي ڪِلي ڪن ۾ چيو
جو ڪيو فرطِ غضب کان پنهنجو منهن تلوار سرخ

...ت ساري ڪيو اٿئي جا اعتڪافِ ميڪده؟
شيخ جي! ڏسجي ٿي تنهنجي چشم شب بيدار سرخ

مون ڇو ٿيندو موږ دل سان جڏهن دل لڳندي
هي نظر تنهنجي جي ڪاڏو بلا ڪهڙي طرح
روز تنهنجو تو وهي حسن سوايو ٿيندو
ناز بان حورين، تو ڇري تنگ قبا، ڪهڙي طرح
هي اثر فکر رقيبن سان نہ هٿ قاصد لي
راز دل ڪولي لکان خط ۾ صفا ڪهڙي طرح
نامہ ۾ حبکو مُکم تنهنجو ڪي وهنو رفيق
مدّعا پنهنجي ٿئي حاصل بجا ڪهڙي طرح
نا لمن شاه جهانُ تنهنجي فقيرن جي اڳيان
بادشاهي بو قبولن سي گدا ڪهڙي طرح
بيخودي وصل ۾، تان هجر ۾ بيهوشي رهي
ياد آهي ٿئين ملي مونکان جدا ڪهڙي طرح
ڳالهہ ۾ ڳالهہ ڳنڍي يار ڪيءَ پوري رات
وصل جو وقت ڪيءَ هاءِ قضا ڪهڙي طرح
وصل هي شب نہ لي هجر کان گهٽ پنهنجي ڪاڻ
لي عدا مونکان ادب، توکان حيا ڪهڙي طرح
صبح کان شام هو تو ٿُند ٿئي يار وذيڪ
ڪارگر حق ۾ لي پنهنجي دعا ڪهڙي طرح
جان سان جا تي لکيل جان ڏني لي نہ شفا
مرض عشق جي لي ويچ دوا ڪهڙي طرح

منهنجي قسمت کي اچي رشڪ تو اڄ مون اي عزيز
مان ڏسان عڪس ڏسو لهي سو بلا ڪهڙي طرح.

رديف خ

ڪوليا اڄ بام لي ڪنهن گلبدن رخسار سرخ
عڪس جنهنجي کان ٿري ٿيو سايۂ ديوار سرخ

دل جي تي دل ڏي راه اندر گنبدِ سپهر
شب تي نثار صبح تيو شب تي نثار صبح
عهدِ شباب خواب ۽ پيري خيال آهہ
شب جو ملهاء خير، نہ ڪر اعتبار صبح
منهنجي شبِ فراق بڻي ايڏي پير سال
دنيا تي سمجهي آهہ تيو آشڪار صبح

ڪنهن چند جيَ جدائي کان اڄ دل ڦٽي عزيز
جيئن تو افق جو رنگ ڪري دلفگار صبح

دل وڃي تي نہ تون پڇ همت مان منا ڪهڙي طرح
دلربا ٿاهيو توکي اهڙو خدا ڪهڙي طرح
اُٿو اُلفت جو تيو عهد وفا ڪهڙي طرح
تي پيارو تو ڪرين يار جفا ڪهڙي طرح
سنگدل پڇ نہ ڪيَ ۽ مونسان جفا ڪهڙي طرح
دل يڳل جي اڇي شيشي مان صدا ڪهڙي طرح
خون دل تي بہ ڪري تي نہ وفا ڪهڙي طرح
رنگُ گل کان تو ٿئي ڏارَ صبا ڪهڙي طرح
سيني قيدن کان جڏهن سخت تيو قيد حيات
خالي غم کان تي سگهون موت سوا ڪهڙي طرح
بي نيازي چا، اهو لوڻ قٽن تي تو وڃهين
تو ڪرين قصو بڌي منهنجو نہ "چا" ڪهڙي طرح
رات ڏينهن وارو اسان سان تو رکين يار حساب
تو ملين مس نہ وڃين تي تو جدا ڪهڙي طرح
ضعف کان جا نہ چپن تائين پڇي تي ڪڏهين
سا رسي عرش تي ٿي آه رسا ڪهڙي طرح

دل جگر پر داغ بنفشي ئيو ڏسان
انتهاءِ آشنائي کير ڄي

دل کسي دلبر جو منکان اي عزيز
هاڻ شاني دلرباڻي کير ڄي

رديف ح

ڪارا مثال شمع ٿيا جانِ نثار صبح
حسرت کان گنبدِ فلڪ آهي مزار صبح

هر گل رڱي خاڪ آهه ئيو رنگِ بهار صبح
اوندهه ئيو نگاهه پر سڀ سبزه زار صبح

بادِ نسيم آئي ڪو ڪيف خمار صبح
هر نخل لاله زار جو ئيو باده خوار صبح

عهدِ شباب عهدِ جواني ۾ هي ئيو مرقِ
صبح بهار هي ئيو ته هڙ ئيو بهار صبح

دلبر ۾ وصل غير چون: واه! وعده مدام
مان ۾ شب فراق ڪريون انتظار صبح

ڪعبو فلڪ لي ڪيهڙي تمنّاي دل جو خون
روئي ائيا پکي ته ئيو آشڪار صبح

مکرن جي منهن ڏونڻ لي ئيو شمر جو انتظام
قدرت جي بارش کان ئيو آئار صبح

لو رڳ بهولي چهره شب وصل جو سفيد
دلبا لي سمجهي آهه ئيو آشڪار صبح

پڄ ڪمرّ ڪاروان شب غم جي ڏور راه
محشر پر ڪعبو آهه نشانِ ديار صبح

نزع دم اج مرڪندو آيو سرِ بالين يار
ای اجل هن موت جي سختيءَ جي آساني نہ پڇ
من اُتي ڪي صبح تائين شمع جلندي تي رهي
پنهنجي پرواني جو انڪان سوز پنهاني نہ پڇ
وار هِت غمزي جو تيو هُت سر ڏيڻ جي عيد تي
يار جي شوخي نہ پڇ عاشق جي قرباني نہ پڇ
دين ويو، دنيا پي وئي، سڀ ڪجهہ ويا عشق ۾
مدّعا دل جي بہ وئي، باقي پشيماني نہ پڇ
ڏِٺري مضطر اکين ۾ منهنجي عڪسِ سرگذشت
جوهرِ آئينہٴ اشڪِ پشيماني نہ پڇ
ڪير فتني کان بچي ۽ ڪير محشر کان ڇٽي!
يار جي رفتار جي اج چال مستاني نہ پڇ

وقت آخر ۾ تيس معلوم دلبر جو مزاج
اي عزيز اج مونکان منهنجي دل جي ناداني نہ پڇ

ڀورين پيو ٿي نالهٔ ٻوم جو ڪوچ
پوء لڙو ڪاروانِ غم جو ڪوچ
نوح جي دم ٿو ٿئي بس دم جو ڪوچ
هاء ٿوڙي وقت ۾ همدم جو ڪوچ
بادشاهِ دل جو آهي هم رڪاب
ڪاروانِ ديدهٔ پُرنم جو ڪوچ
وصل جي رات آئي ۽ جهٽ ٿي ويو
حسرت و حرمان و ياس و غم جو ڪوچ
شام غم ۾ ويا ڇڏي هوش و حواس
صبح دم ٿي ويندو ڏسجي دم جو ڪوچ
تا وڃن ملڪ عدم ۾ سڀ قرار
ٿو رهي دنيا مان نت آدم جو ڪوچ
اچ ڪٿي سو بادهٔ خواريءَ جو مزو
ٿي ويو برسات جي موسم جو ڪوچ
صبح ٿو ٿي ۽ وڃي ٿو هوءَ هلبو
موت جي آمد ۽ ٿيو همدم جو ڪوچ
اچ لڏيان ٿو آءٌ دنيا مان عزيز
ڪڏڙي ڏسڻ ٿيندو سڄي عالم جو ڪوچ.

رديف ح

غم ۾ ڪيئن ڪاٽيان تا زلفن جا زنداني نه پڇ
يار سودائين سندو وڃڻ پريشاني نه پڇ
حسن دلڪش يار جي ڪان پرتوو ان تي ڪو پيو
آئيني جي عمر ساريءَ لاء حيراني نه پڇ
مان وڃان جا تي فنا ۾ درد رکيم برقرار
عشق جي آلام جو لطف نگهباني نه پڇ

آ و بت تان لنگهيو منهنجي نہ هيئن ياس پڪاريس:
هت پنهنجو پيل طالب ديدار ڏسيو وچ

هو خاڪ عزيزِ جگر افگار پئي آهہ
ڪوچي ۾ تہ سايءِ ديوار ڏسيو وچ.

رديف چ

ڏيندو لهرا هن ڏنو هڪوار جو ڪاڪل جو پيچ
اڄ بہ پيو ڪائي مروڙا باغ ۾ سنبل جو پيچ

پير جو چڪر سيہ بختيء ڪان تي تو دوُر ڪين
گردشِ طالع کي پيو آهي سندء ڪاڪل جو پيچ

تي رُنو ساغر جڏهن مي نوشي ڪانپو بزم ۾
هنجي گردن ۾ وڌو ويو خندهء قلقل جو پيچ

آستانِ ناز تان ويو ڪونہ ڪو ڪوئي اُٿي
سر جي عيوض آهہ پيرن ۾ پيل ڪاڪل جو پيچ

آيو اڄ سامهون بڻي هوُ حلقہء دامِ فريب
جو لکيو هو باغبانُ مقسوم ۾ بلبل جو پيچ

چشم جي حلقي ۾ تيون ارض و سما جون گردشون
ڪيئن پلا آهي اچي ويو هڪ ئي جز ۾ ڪل جو پيچ

غير جي مصنوعي نالہ تي اچي ويءُ رحم ڇو
سادہ لوحي ڪان نہ سمجهء ڪنهنجي شور و غل جو پيچ

بزم ۾ ڇا ڪون پچي تو منهنجي حصّي جو ئي جام
هن ۾ حرفت آهہ ساقيء جي يا آهي مل جو پيچ

هن پريء جون ياد مونکي تيون اچن پانهون عزيز
تو ڏسان جڏهين چمن ۾ شاخهاي گل جو پيچ.

ڪو سڏي مجذوب موليکي، ڪو تو ديوانو سڏي
عشق لنهنجي ۾ اثر تبو مانُ ڪجھ ايمان ڪجھ
خون منهنجي جو ملبو هي موليکي قاتل کان قصاص
ڪجھ هٿن لئي تبو حنا، تيو زينت دامان ڪجھ
مثل ديواله ڪُر غمديده ۽ خورسند عشق
مان عزيز آهيان ڪڏهن نالان ڪجھ خندان ڪجھ.

ـــ رديف چ

ونگين لهوُ منهنجي کان هر خار ڏسو وچ
صحرا ۾ تبو غيرت گلزار ڏسيو وچ
دم آخري لون حالت بيمار ڏسو وچ
سؤ پيرا ڏسڻ ڪنڪي يڪبار ڏسو وچ
اکڙين ۾ اثر باقي ڪو دم يار ڏسبو وچ
عاشق جو اچي آخري ديدار ڏسو وچ
سينې ۾ سندم داغ کليا مثل گلن جي
تولو جو لنهنجي عشق ۾ گلزار ڏسو وچ
حسرت سان دليون پُر تيون قدمن ۾ جي لنهنجي
سي نيچي نظر سان دم رفتار ڏسو وچ
حسرت ئي اکين کي ته ڏِسن هڪ لگو لوکي
ڏيکاري لون مهون حالت بيمار ڏسبو وچ
دل داغ جدائيءَ کان ئي صد رشڪ چمن آهه
جي شوق اٿئي سير جو، گلزار ڏسيو وچ
گذري جي هتان يارُ ستر ڪش ته جنجوس
لِلّٰهُ ذري حالت بيمار ڏسبو وچ

رديف جهه

رهجي ويو جو دل ۾ منهنجي نزع دم ارمان ڪجهه
يار بالين تي ۾ منهن پنهنجو نہ ڪيو عريان ڪجهه
نزع دم بيا ياد دل کي ناوڪِ مژگان ڪجهه
آيا مهمانُ گهر ۾ ناهي هاء اڄ سامان ڪجهه
تنهنجي قولن ٻڌ ڏنو دل کي نہ اطمينان ڪجهه
بيوفا! ڪم نايو تنهنجو وعده و پيمان ڪجهه
هجر تنهنجي ۾ هجي هيَ! حال هيڻو تيو اتم
ڪجهه رهيو ارمان اتم ۽ دل جگر بريان ڪجهه
جي ٻڌين بيمار جو دلبر ڪڏهن فرياد تون
ڪجهه دعا ڪر، داد ڪجهه ۽ درد جو درمان ڪجهه
تون نہ بگڙج، جي زمانو مونسان بگڙيو ڇا تيو!
يار ماريندي نہ مونکي گردشِ دوران ڪجهه
جڏ نہ سر پنهنجو ڪريان خاڪ قدم تان اڄ نثار
ڇا تيو جي توڙڻو توتان ڪيم قربان ڪجهه
وصل جون راتيون وڏيون ۽ هجر جون ننڍڙيون ڪرين
ڇا گهران ويندء، يا پوندء اي فلڪ نقصان ڪجهه
پڇ شب فرقت ۾ اشڪ و داغ دل جو ڪجهه نہ حال
برق ڪجهه چمڪي ڪڏهن تي، تي ونو باران ڪجهه
هي نہ ڪڙو هو شب فرقت جو مونسان قرب تيو
درد ڪجهه، درمان ڪجهه، فرياد ڪجهه، افغان ڪجهه
اک ڪٽڻ سان ويو ڪري غارت متاعِ دين و دل
ترس دل ۾ ڪونہ ڪيو هن رهزنِ ايمان ڪجهه
منهنجي ڳوڙهن ۾ لهوُ جو اڄ اثر آيو نظر
چاڪ چوريو ڪو نٿون ڇا يار جي پيڪان ڪجهه
عشق جي شمشير خالي ناهہ دل منهنجي ڦٽي
خنجرِ ابرو ڦٽي ڪجهه ۽ سرِ مژگان ڪجهه

ناهي نگاهِ شوق کي جرائت سوالِ وصل جي
طاقت نٿي ڪبڻ عرض جي پيدا لبِ سائل ۾ اڃ
مونکي ستائي ڇا ڪندو سارو زمانو يا فلڪ
دل ني حڏهن ناهي رهي منهنجي دلِ بيدل ۾ اڃ
هڙ تو اچي بالين ني لب ني ڏسي دم کي رسيل
مولي! ڪشتي غرق ڪر منهنجي لبِ ساحل ۾ اڃ
ڪنهن سوچ ۾ آهين لون يا وحشت اٿي ڪهڻ ٿني مزاج
ڪجهه نا عزيز آخر ڪر ڪم ڇا آهه تنهنجي دل ۾ اڃ
ڪڏهن محبت جو نہ داغ آهي منهو ڪنهندو عزيز
موجود آهي چوڻ اڳين ساڳي مهِ ڪامل ۾ اڃ.

معنيءِ رمزِ الستي سوز مستي آهه اڄ
نغمه ريزي سوز مٿي ساز هستي آهه اڄ
ابر جاٻا چوطرف ڪان جوش مستي آهه اڄ
ساقيا ڏي جام وقت مي پرستي آهه اڄ
مان هئس سڀ ۾ سڀ مون ۾ هئا، اڄ ناهيان مان ڪٿهه
بيوين جا هٿي منهنجي هستي ساڻي هستي آهه اڄ
آئي دنيا جنون مان 'هوُ' جي چوندي ڪهڻ صدا
جوب ويراني ۾ مون ني 'هوُ' جي بستي آهه اڄ
تنگدل ني ڪيئڻ ڪي لون لنگدستيءَ جي ڪري
دلِ ڪشادي ڪر جو لطفِ فاقه مستي آهه اڄ
ڪاٿهه گل جو همنشين هس، اڄ مان خاڪِ رهگذر
هڪ هٿي هستي سندم هوءِ، هڪ هي هستي آهه اڄ
ساري دنيا هنهنگي بسم الله ڪولي ٿي عزيز
... دنيا آهي ... وقف بت پرستي آهه اڄ.

هوُ بادشاه حسن، اسين بي نواي عشق
هنجو ڪجا مزاج اسانجو ڪجا مزاج
هڪ نازنين پيو حسن ٿيون تنهنجو جوين آهه
جيڪي ڪرين سو توکي اٿيئي روا مزاج
مونکان تي تيغ ناز رهي کينچيل پري
خواهان موت سان ڪري الٽو قضا مزاج
منهنجي جنازي تي هوُ عيادت ليّ آيو نيٺ
آخر پڇيائين منهنجو پڇي بعدِ فنا مزاج
لازم ٿيا چاره گر اهي مدِّ نظر امور
موسم ۽ سنّ و سال طبيعت دوا مزاج
اهڙو نه تي کِلائي جو افسردو ڪوئي ٿي
جاڻي گُلن جو خوب تي بادِ صبا مزاج
ضبطِ الم ۽ ضعف کان هي حال ٿيو عزيز
ڪڏهين نه ڪوُڙي منهن پڇيو آهِ رسا مزاج.

رديف ڄ

فصلِ بهار آيو رياضِ خنجرِ قاتل ۾ اڄ
ڇا گل کليا زخمِ شهادت جا دلِ بسمل ۾ اڄ
يارو رَسان ڪيئن دوُر دلبر جي هنڌ در تي ڪهي
ٿيو ضعف کان هڪ ميل جي مَت هر قدم منزل ۾ اڄ
اي ياس ڇو ماتم ڪده منهنجو اڇي ويرانُ ڪيءِ
هڪ حسرتِ مرحوم هئي سا پڻ نه آهي دل ۾ اڄ
قاتل تون هڻ خنجر سگهو تان راهه نڪرڻ جي ٿئي
آهن پريشانُ منهنجون ٿيون هي حسرتون سڀ دل ۾ اڄ
مولي تون منهنجو خير ڪج ڇو ڏائي اک پيئي ڦري
آهي وڃي اٽڪي وري شايد هي دل مشڪل ۾ اڄ

معلوم نہ ھو مونکي جادو نون کري جاٿين
ڏني بہج کيءَ زلفِ پيچانَ کي بلا جهٽ پٽ
تارو تو سندم قسمت جو هاڻ لهڻ جاهي
اچ آهہ دمِ آخر اچ ماہ لقا جهٽ پٽ
مون سان نہ کدورت رک ناحق اي سجڻ سهڻا
کر پنهنجي، خدا خاطر، خاطر کي صفا جهٽ پٽ
مان بياسي عنايت جو، الفت جو آهيان ڏوهي
الله ڏي نون آب شمشير ادا جهٽ پٽ
کاوڙ مان اٿيو جنهن دم هو قتل کرڻ منهنجو
منشن لَي کري بيڙس پيرن ۾ حنا جهٽ پٽ
رستي ۾ ملن جي ها، مانند غبار آءٌ
چنبڙي ها جهليان تنهنجو دامان قبا جهٽ پٽ
غفلت ۾ جو کوهين تو هي عمر عزيز اهڙي
کر کو جي اٿي کرٽو کر بهر خدا جهٽ پٽ
ڏاڍي لي حبابيءَ جي قبہ جي ھي نہ جب آهن
تہ تہ سان **عزيزا** کر ضايع نہ اها جهٽ پٽ.

دست قاصد کي ڏني بريد جي چوٽ
تو لڳائي مونکي وسيد جي چوٽ
بي وطن کان نہ بہج نون عيد جي چوٽ
چوٽ، لنهنجي غير شديد جي چوٽ
چشم حسرت ۾ باز ديد جي چوٽ
بي وطن کي هلال عيد جي چوٽ
اُک ني کائي حڏهن کا ديد جي چوٽ
تي لڳي دل کي کيٽن شنبد جي چوٽ

تي رند سان توبہ گهي دينْدار سان توبہ
مڪّار تي مردار ڪڏهن ڪٿّ ڪڏهن ڪٿ
معراج تي گه ڻوُر لي گه دارو رسن تي
توهوُ ڪري گفتار ڪڏهن ڪٿّ ڪڏهن ڪٿ
ڪعبي جو عزيزؔ نہ تيو ڪوي بتانْ جو
قرندووتي لاچار ڪڏهن ڪٿّ ڪڏهن ڪٿ.

ڪهن ٿا غم ڪان دعا ليَ جڏهن يتيم جا هٿ
سهاري ليَ ٿا وڏن عرش جي ڪريم جا هٿ
گهڻا ٿيا مونکي غريبيءَ ۾ چار دانہ اشڪ
جو خوان نعمت بخشش ٿيا مون يتيم جا هٿ
وڃي صبا تي اُڏائڻ ليَ نڪهتِ گيسو
ٻڌي نہ مورڳو ڇڏن زلف سان شميم جا هٿ
اسين ڪرم مان سندس ڇو هٿي رهون نوميد
جڏهن هزار ڏيڻ ليَ ٿيا ڪريم جا
غنيءَ! فقير جي ڪچڪول کي نہ هڻ ٺوڪر
اٿيٺي هوُ بہ ڏسڻ وارو هڪ ڪريم جا هٿ
عزيزؔ سيني ۾ پنهنجي سوسوز پنهان آهه
رکي جي دل تي جلڻ جهٽ لڳن ڪليم جا هٿ.

رديف ٽ

هن ڪاڻ ڪريان جاني تو جرم و خطا جهٽ پٽ
ڪجهہ ڪندين عطا تون يا ڪا ڏيندين سزا جهٽ پٽ
دم ترس پيو ترسان ڪر ترس منا جهٽ پٽ

کيئن لِ محروم شب وصل کيءِ وصل کنان
آئي هڪ باس ۾ پي باس سڄي ساري رات
لون جو پاسي کان آئي منهنجي هلو ونس هڪدم
ڪيڙا آيا ويا خيالات سڄي ساري رات
دل جي دلبا ۾ هي هنگامهٔ شب هو اي عزيز
ڪوڙين آيا ويا خيالات سڄي ساري رات.

رديف ت

مضطر پئي دلدار ڪڏهن ڪت ڪڏهن ڪت
ها طالب ديدار ڪڏهن ڪت ڪڏهن ڪت
بتخاني ۾، مسجد ۾، کليسا ۾، حرم ۾
ٿي جلوه گهِ يار ڪڏهن ڪت ڪڏهن ڪت
دل ۾ ليا ڪڏهن سر ۾ ڪڏهن درد جگر ۾
ها عشق جا آزار ڪڏهن ڪت ڪڏهن ڪت
اغيار سان تنهنجو قول ڪڏهن وعدو تنهنجو مون سان
ٿيا وصل جا اقرار ڪڏهن ڪت ڪڏهن ڪت
ناسوت ۽ ملڪوت ۽ جبروت ۽ لاهوت
ٿيا مسڪن دلدار ڪڏهن ڪت ڪڏهن ڪت
جا گردش لشڪر ۾ آوارو ڪيو آهه
مثل ٻو پرڪار ڪڏهن ڪت ڪڏهن ڪت
آغوش ۾ لرست جي ڪڏهن دوش صبا تي
منهنجي ٿي مٽي خوار ڪڏهن ڪت ڪڏهن ڪت
گهه عالم ايجاد ۾ گهه روح عدم ۾
آدم تو ٿيو خوار ڪڏهن ڪت ڪڏهن ڪت
محراب حرم ٿيا ڪڏهن شمشير دو پيڪر
هي ابروي خمدار ڪڏهن ڪت ڪڏهن ڪت

پسڻ لئي يار جي صورت اسين ڦرون حيران
ڏسي ٿي آرسي انجي مگر سدا صورت
گداي ميڪده مسجد جو پيش امام پيو هو
عزيز رند خراباب پارسا صورت.

توکي ساريندي لنگهي رات سڄي ساري رات
واڳي آو ري نه هئي وات سڄي ساري رات
هئي رقيبن سان عنايات سڄي ساري رات
هت رهيو شوق ملاقات سڄي ساري رات
روشنيءِ رخ روشن کان سحر جو ٿيو ٿريب
وصل جي شب رهي برپات سڄي ساري رات
تنهنجي افشانَ جي ستارن سان فلڪ جي تارن
پئي ڪيا خوب اشارات سڄي ساري رات
شمع روئي ٿي جي لب زخم جگر جا تا ڪن
پنهنجي دردن جون حڪايات سڄي ساري را
تنهنجي ابرو جي تصوّر کان منهنجي سر جي هئي
خوني خنجر سان ملاقات سڄي ساري رات
منتظر ڪنهنجي شب وعده لئي آهن ٿيا ڏٺا
در و ديوار مڪاناب سڄي ساري رات
روز شبنم کان رهي تر توهي دامان چمن
ڪنهنکي ساري تي روئي رات سڄي ساري رات
جس جي رعب کان مايوس شب وصل رهيس
رهجي مطلب جي وئي بات سڄي ساري رات
دل کي وندرائي مريض شب هجران چو ڪيئن
شمع پيي تي نه ڪري بات سڄي ساري رات

هڪ نظر سان ٿي غم غلط تو ڪري
يار جهڙو ٿيو غمگسار اٿليءِ

ٻاهر آرام دل کي ڪهڙو اچي
قلب ۾ تنهن جڏهن قرار اٿليءِ

مست ساقي جون: بهار بهار
مونکي تهنجو ڪبي بهار اٿليءِ

موت جو پلجي نابـو خواب خيال
زندگيءَ جو هو جا خمار اٿليءِ

تو ڪٽا جيترا ها دل ۾ عزيز
حسرتن جا ٿيا مزار اٿليءِ.

رديف ت

اچي ٿي ياد جڏهن تهنجي دلربا صورت
ٻوي ٿو منهنجي نه جا مان نه يار جا صورت

نظر مريب اٿئي اهڙي دلربا صورت
ڏسون تا جنڌي پسون لوري ٻي نه تا صورت

نه وقت ته جي پساني ڪڏهن خدا صورت
نه تو ڏيکاري جو ڪو صورت آشنا صورت

نه آئين تون، هڙ تصور ۾ ساري عمر آئي
لون بيوفا ٿئين ليڪن ٿي باوفا صورت

بشر مثال تنو هڪ شان ٻي مثاليءَ جي
بنائي آهه خدا سڀ سندي جدا صورت

پسي پسن يار ۾ صورت سچي خدائيءَ جي
صفائي ۾ هئي آئيني ڪان صفا صورت

نه لي ايڏو نهي نه تو جاني
جهان جي اصل ڪان آهي ٿي ٻي بتا صورت

ماري گلستانَ جو مزو هڪ گل اندر ڇڙ مون ڏٺو
هن مه لقا جي منهن ۾ هو رنگِ رخِ خوبان سي
مون بي نيازي حسن جي آهي ڏني هن ڳالهه مان
گل تا رهن خندانَ سدا ۽ بلبليون نالان سي
هڙي نموني ۾ ڪٿي عرض تمنّا تي "نه" هُن
رهجي ويا هنجو تڪيندي منهن سندم ارمان سي
ل ۾ اٿم دل جا ٽڪر دل ۾ رهن تا زندگي
ناحق چڪي ڇو تو ڪيين ناوڪ فگن! پيڪان سي
قطري خونينْ تي سندءِ، دل! عشق ڇو نازانَ نه ٿئي
گڏ تيو تين تا زيب مژگانَ زينتِ دامان سي
هنکي ڪليجي سان لڳائي مون عزيز ايڏو رنو
اشڪ خوشي نڪتام ٻڏجي وصل ۾ ارمان سي.

چشم پُر خونْ تي اشڪبار اٿلي
لڙڪ تيا لعل آبدار اٿلي
خواب جنّت جو ڇڙ ڏسان پيو مان
تيو خيالِ رخِ نگار اٿلي
سؤ جوانيون فدا جوانيءَ تي
تي بهارين ۾ هي بهار اٿلي
حسن جو بحر جي تيو بي پايان
عشق جو آهه پڙ ڪنار اٿلي
غم نه ڪڏهين تو منهنجو ساٿ ڇڏي
آهه دنيا ۾ هڪ هي يار اٿلي
گل تي دلبر جي سبز خط نڪتو
آهه آئين

اڳئي شوقُ ديدِ جلوهٴ حسنِ نظر ھو جي
تحير تڳجي چشمِ دلفريبِ يار ۾ لون قب
جي پائين ڪو ٻسين خط خال يا ڪاڪل قرين ھو
نہ ٿي ھندوُ حسينن جي وڃي دربار ۾ لون قب
اَناالحق جي صدا ڪان آشنا چاھين ٿيڻ جي تو
نہ اوّل صورتِ منصور ٿي ٻو دار ۾ لون قب
لبِ ساقيءَ جو بوسو جي ڪبيئي خاڪ ٿي پھرين
بشڪلِ جامِ گل ٿي خانهٴ خمّار ۾ لون قب
وڪين بيحد جي الفت چيلهہ سنھڙيءَ يار جي سان تو
نہ اوّل وار ٿي آخر انھيءَ اسرار ۾ لون قب
اڳيئي شوق جي ديدار جو تان جسم کي ڪر پت
اکون ٻڙکيون ڪري پنھنجون انھيءَ ديوار ۾ لون قب
عزيزا پاڻس روشن نام ٿئي دنياءِ الفت ۾
مثالِ شمع سوزانْ محفلِ دلدار ۾ لون قب.

رديف پ

آھن ڏسڻ ۾ اي مصوّر گرچہ تيون بي جان سڀ
تصويرون جي ڪيئي جن، جو تيون آئيني جانْ حيران سڀ
گل غنچو نرگس آئينو شمس و قمر، شمع و حباب
ڪنھنجي ٿين تا انتظارِ ديد ۾ نگران سڀ
اي باغبانْ ناھي ڏنو داغِ جگر منھنجي کي تو
ھڪڙي ٿي گل ٿي ويندا ٿي گلشن جا گل قربان سڀ
اي دردمندن جي دوا! لون ڀاڙ ڏس، ٿي پرجھلو
ٿڪجي ڪريس در تي تنھنجي در در پڇي درمان سڀ
مان تاب صورت جو تنھنجي کھڙو ٻيانْ دلبر ڪريان
ڏسندي جڏھن ٿيو تا وڃن ھڪدم خطا اوسان سڀ

شمعون تيون بيزبان کھڙي سبب
چپ ٿيا اهلِ دهان کھڙي سبب

ڪنھنجو ميّت ڪنيو ڪلهن تي سحاب
تو روئي آسمان کھڙي سبب

تو نگاهن سڌين سان قتل ڪرين
تير ٿيا بي ڪمان کھڙي سبب

آتشِ گــل جــلايو بلبل کــي
سبز ٿيـو گلستان کھڙي سبب

خاڪ ۾ جــي ملائڻوئــي هوءِ
پو چيءُ ڪُن فڪان کــهــڙي سبب

ڳالهه دل جـــي اچا ڪيم نہ ادا
يـار ٿئين بـدگمان کھڙي سبب

چـــو تمـّابـِـ ئــي هلي دل مـان
چـــو ٿي بي خانمان کھڙي سـ

غربت ۾ جا جوان ٿي ڏيو بيرحم نصيب
آهي ڪي جنهن کي ناهہ مٽي بہ ڪفن نصيب

نڪي ڪانهو ڏ ساد ڪي ٿيندو بدن نصيب
نوي چمن کي نڪري ڏ تو ٿي چمن نصيب

افسردا ٿيندا خوف خزانَ کان وڃي تا گل
اهل چمن کي پي ڏ ٿيو لطفِ چمن نصيب

خالِ سياه فام لي زلفن جو دخل ٿيو
تاتارن کي آهہ ٿي مشڪِ ختن نصيب

دشتِ عدم ۾ واهہ جڏهن سڀ رفيق ويا
تن کي ڏ روح، روح کي تاهم لن نصيب

منجهن ٿا جيڪي قوم لي پاڻ تا آبرو
تيو تنجي ذرّي خاڪ جو درِّ عدن نصيب

ڪنهن اهڙي وقت گهر مان ڪڍيو تہ نصيب، هو
مرندي بہ خاڪ کي ڏ ٿيو موٽي وطن نصيب

ٿو لہ پيا اکين ۾ وطن جا تصوّرات
آهي موٽکي ٿيو پيوطني ۾ وطن نصيب

جنهن لي ٿي مهربان تو تہنکي ڏي پنهنجو درد
قسمت وَرن کي تو ٿي رنج و محن نصيب

اَب لي اڏامي سمتَن حي ٿي روز خاڪ
ڪيڏو مٽي ڏ تنهنجو ٿيو چرخِ ڪهن لصيب

يوسفي چاهہ ۾ ٿيو يوسف سندم عزيز
اِ ڪَهڙي الشت چاهِ ذقن نصيب!

چيم اي نازڪبدن تا ڇاڪون تيو اوهين سنگدل سليو مون
چيائين وڇر ڪپهه جي ڏس تون تين تا ڪڪڙا مثال خار
چيم اڇي ياد صدمو دل جي ٽٽڻ جو ڪڏهين تو يار مونکي
چيائين ڏک تو لڳئي جگر کي ڏسي فلڪ جا ٽٽندا تارا
چيم سنو تي ٽٽو ڪو هاڻي غمِ جدائي خدا تو ڄاڻي
چيائين رهه تون ڀنو ۾ پاڻي، اچل ري تيندا نه ڪنهنجا چارا
چيم تو دل ۾ رهي اي دلبر ڪئي سا هٿ ڪيئن هلائي منتر
چيائين جيئن آرسي جي اندر، جهلي، جهليندڙ پسي نظارا
چيم مونکان ٿيو ڪنهن سان ماٺا ڪندين تون ايذا سچڻ سياڻا
چيائين در تي وتس وڪاڻا **عزيز** جهڙا ڪئين وچارا

رديف ب

ل کي پهلو ۾ نهاري روز شب   چشم خوني لڙڪ هاري روز شب
و قطرو خون دل، تيو يار جو   پيوڏيان ليکو سنياري روز شب
ر ک ڪجهه زينتِ مژگان لاء   خون دل هيئن چڏنهاري روز شب
اتاري وئين اُتي، آئي نه هٿ   هٿ ڪيا حيلا وهاري روز شب
ڪناري سان منا ڪنهن ۾ لڳي   دل طلب جو ترهو تاري روز شب
ب ۽ مان ۽ اٿڻ هي جا لڳي   دڪ اتي ۾ تو اتاري روز شب
جيئن پرواني پنهنجي جان جلين   شمع و بارڻ هي باري روز شب

دل ويئي پنهنجي روئان ڪنهنجر **عزيز**
گهر جي مالڪ کي مان ساري روز شب

۲

عروج تي
هوش جنون جو شور وسيلاب عروج تي — سر انڊڪ تي بيا
جرچا اسانجا ۽

جو انتشار
ڏاڙ تي آهه دور سماوي — ذرا ذري حامل انڊڪ تي بيا

ڪاروان
تڪڙي وڃائي واٽ ۽ ويناسون — غربت ۾ مير محوِ انڊڪ تي بيا

ڍڪ ۾ جوش
وحشي ڪي لنبنڌي جو لڳو ميدان — غاڪ ابڏي حج آڏاني جو انڊڪ تي بيا

وبو عليو
دامان صبرُ دست زليخا کان — هت جذبي شوق وصل کان بيباڪ تي بيا

گل جيان
سينجي رونق ني آهه تير غمنان — گوڙه ۽ منجنيا هنڌي ڪري ماڪ تي بيا

جڏيا
داغ گناه آب ندامت ڌوني — ڌوهي وڃائي پنهنجون هنجون پاڪ تي بيا

دل تان هٽ
اڪرين تان ڪرد ٿو هٽي رومال، — دشمن اوڇانجا جو انهن غمناڪ تي بيا

عزيز
طوفان غم جي آهه تلاطم ڪيو
لڙڪن ۾ دل جگر وڃي خاشاڪ تي بيا.

ٿي حداوا
چير: سڄڻ! چاشني چمن جي چڪاءِ بيمار کي — تي سدا
ڇيانبن نقصان ڪري مِنائي مريض کي — بتولو جهوڙا
ٿي يار ڪارا پيا
وارا هڙا،
مو لميچارهي — تا
مهالدي ما سي — تين
ڪي رهن جي نتڙا،

—

هجي ها ڪرم ۾ تنهنجي جي ڪريم! ڪس ڪٺي جي
نہ گناهگار تنهنجو نہ اُميدوار ٿئي ها
منهنجي شرم پارسائي رکي منهنجي توبہ قائم
نہ تہ شوقُ دل وَ جانْ سان نت بادہ خوار ٿئي ها
غم هجر ۾ نہ تي ها منهنجو ڏينهن شبِ قيامت
تنهنجي وعدي تي جي دل ۾ مونکي اعتبار ٿئي ها
منهنجي اک جو گهر جي تولي تي ها جلوہ گاہ ڪافي
نت هر نظر کان پنهانْ تنهنجو وار وار ٿئي ها
وڃي رهجي ذبحَ دم ها نہ هي تشنہ ڪام بسمل
جي زيادہ تہ هي خنجر تنهنجو آبدار ٿئي ها
منهنجي غم جو داستانو جي نہ سمجهي ها فسانو
مونتي اعتبار آڻي منهنجو غمگسار ٿئي ها

شب هجر يار نايو نہ **عزيز** موت آيو
ڪو تہ چارہ ساز تي ها ڪو تہ غمگسار ٿئي ها

آداب ڪوِي يار کان بيباڪ تي پيا
گردش ۾ پيرَ پيرَوِ افلاڪ تي پيا
کهڙا حسينْ نہ زيرِ زمينْ خاڪ تي پيا
کهڙا نہ گل نشانۂ افلاڪ تي پيا
خورشيد کي هو نور مان منهنجي مليو فروغ
خاڪي ڏسو تہ زينت افلاڪ تي پيا

تنهنجي ڪرڇي جي سر زمين آسمان آهه
ڳيتي تنهنجي ٿي رشڪ جنت پيارا
شب هجر ۾ تنهنجي زلفن جو سودا
مصيبت ٿي آهي مصيبت پيارا
شب وعده تارا ڳڻيندي گذاريم
سحر ٿئي ڪٿي منهنجي قسمت پيارا
خدا آهه توکي ڪيو آئينه رو
نه رک پنهنجي دل ۾ ڪدورت پيارا
گهڻو روئندين مونکي، مونکان پوءِ منهنجي
جڏهن ياد ايندي محبت پيارا
سڄائي هڪالين تو محفل مان مونکي
هي دعوت ۾ ڪهڙي عداوت پيارا
وڃي مونجي دل مان ٿي مايوس حسرت
رهي دل ۾ منهنجي نه حسرت پيارا

عزيز اج جو دل ۾ پيو پيلو ڪي ڳولي
ڪنهنجي لئي اک جي شرارت پيارا.

نه ها لطف زندگي جي منهنجو يار نئي ها
ڪڏهن آءُ صدقي ٿيان ها، ڪڏهن هوءُ نثار ٿئي ها
ڇگو ٿيو جو دل ۾ دل جو ٿي نڪو هي ٿير وڃو
مزو عشق ڪهڙو ڏئي ها جي لڳي هو پار ٿئي ها
ٿيو هڪ نه يار پورو هئي منهنجي ڪوئي قسمت
نه نه وعدو تنهنجو عيکر ڪيئن بار بار ٿئي ها
انهي اي رقيب هئي آسان ۾ هي سچ ٿيو مشڪل
نه جي ڏين ها يار وعدو نه هي انتظار ٿئي ها

توكي ڏنو جڏهن كان مون وسري وئي سڀ اوَن ۽ چوُن
دل ۽ زبانْ تي تون ئي تون آهين رهيو سد
بام مراد تائين كوكونه كمند دل ويو
زلف رسا جي همت تيو بخت هي نارسا
توئي مونكي فنا كيو تون ئي سگهين جياري تو
عشق جي بولي ۾ پيو كنهنكي چوان خدا
نور ازل تيو كتي جلوهء طوُر هو كتي
چمكيو كتان تُنهنجو كتي جلوهء برق سا منا
عشق جي مس تي ابتدا درد كئي تم انتها
آهم اها جي ابتدا تيندي جا انتها منا
مونكان نه موڙ منهن منا موڙي نه منهن تي بيوفا
كر نه اي بيوفا دغا، ناهه دغا روا منا
تنهنجي بيمار چشم جو كونه اگهو كڏهن چٿو
زلف جو ٻڌ نه قيدي كو گاهي تيو ر
غيرَ جو يار تئين وري كا نه زبانْ تنهنجي پري
سمجهه عزيز ويو مري تون رهه خوش سدا منا.

ڏكين ۾ اتم سوز الفت پيارا
وچايان پيو سازِ محبّت پيارا
منهنجي حيرت آهي تماشي جي قابل
رهي انكان درين جي زينت پيارا
ازي كندي عمر ويئي، نه آئين
ڏنيءَ خود نمائيءَ نه فرصت پيارا
ن تيو نزاكت تي بارِ نزاكت
نزاكت

ڪُلّيات عزيز

رديف الف

لبن کي پان سان رنگين اي دلبر ڪريو چوتا
خراب اڄ خون سان هنپر لبِ ڪوثر ڪريو چوتا
عيانُ رخ آتشينُ پنهنجو سرِ محشر ڪريو چوتا
قيامت ۾ قيامت جـي تپش دلبـر ڪريو چوتا
نه ڪڻ شوخيءَ سان پريل پنهنجون هي ناوڪ فگن آڪڙيون
دلِ عشاق لـيءِ اڄ تيـز تر نشتر ڪريو چوتا
گهڙي مون وٽ اچي، وينا حياتيءَ ليءِ دبائي دل
مثل مهمان تـي پنهنجو پرائـو گهر ڪريو چوتا
رهڻ ڏي تا قيامت يار منهنجيءَ بي نشانيءَ کي
وهائي خون منهنجو، پنهنجو دامن تر ڪريو چوتا
دبائي سوز پنهانُ کي هلو تا سرد مهريءَ سان
لڪائي آڳ بنهنجي دل پرين پٿر ڪريو چوتا
مثالِ شمع گرندائي رهياسين پر نه ڪل ۾ پـي
پڇيو ظالم، اُوهين روئي اکين کي تر ڪريو چوتا
صفائيءَ حسن جي ۾ آئي تي قاتل ڪتان شوخي
متـائـي آئيني کـي صورتِ خنجر ڪريو چوتا
ڪڏهن پرده نشينُ گهر مان هليا نڪري اچو باهر
لڪائـي پـاڻ، مونکي پاڻ کان باهر ڪريو چوتا
مان آوارو جي آهيان پو اُچو ڪيئن تا تصوّر ۾
تيا بي خانمانُ جي تن جي دل ۾ گهر ڪريو چوتا
عزيز سخت جانُ کـي عشق ۾ ڏي دم ڏيڻ دلبر
ڏئي تسڪينُ مرڻ تنهنجي کي مشڪل تر ڪريو چوتا.

مرلي

آج موهن نے جو گوکل مین بجائي مرلي
ذرّہ ذرّہ مین عجب طرح سمائي مرلي
آجتک رولي ہے جو غم کي سنائي مرلي
کیا بیاں کرلي ہے یہ دردِ جدائي مرلي
دل کے سو ٹکڑے کئی دیتی ہین نالے تیرے
کسکا ہے دل مین ترے دردِ جدائي مرلي
بانسري والے کي یاد آئي تو بیخود ہوکر
سانس کي اپني شب بھر بجائي مرلي
جوگیا روپ تلک ماتھی پہ جوڑا سر پر
جوگیا راگ مین کرلي ہے گدائي مرلي
گل ہین سب وجد مین گلشن مین صبا جھومتي ہے
مرلي والے نے کچھ اِس دُھن مین بجائي مرلي
منہہ پرسی لگا چھم چھم کي صدا آنے لگي
گھنگھرو بولدون نے بجائي جو بجائي مرلي
ہر بنِ موسی کنہیا کي صدا آتي ہے
ایسي ہردے مین مرے کرشن سمائي مرلي
مور ناچي چمنستان مین ہرن جھوم گئی
ہاتھ پہ میرے موہن نے بجائي مرلي
جما بیتاب ہے امواج بھي سر دھنتي ہین
شاق ہے ان پہ مگر تیری جدائي مرلي
نغمۂ مرغ چمن ایسا کہان شیرین تھا
تیری آواز پرلدون نے اڑائي مرلي
پیلے مردہ کو کیا زندۂ جاوید عزیز
قم باذني سی ہے رلب مین سوائي مرلي۔

شاہ نانک

مرے قلب میرے جگر شاہ نانک
مرے درد کا چارہ گر شاہ نانک
تڑپتا ہوں فرقت میں تیری مسیحا
بڑھا حد سی دردِ جگر شاہ نانک
بھنور میں پھسا آ کے میرا سفینہ
خبر لو خبر لو خبر شاہ نانک
جگت کا اُجارا چمکتا ستارہ
اندھیرے کا رشکِ قمر شاہ نانک
تری جستجو میں بہت خاک چھانی
پھروں تا بکی دربدر شاہ نانک
ذرا روے روشن سی پردہ ہٹاؤ
کرو شام غم کی سحر شاہ نانک
تمنّا ہے یوں جان تن سی جدا ہو
ہو سر برسرِ سنگ در شاہ نانک
مکاں میں نہیں لامکاں میں نہیں ہو
کہاں ہے تمہارا گذر شاہ نانک
دمِ نزع اے کاش نکلی زباں سی
وہ آیا مرا چارہ گر شاہ نانک
مرے وہم سی بھی کہیں دور ہو تم
کہاں مجھکو اِتنی نظر شاہ نانک
دلوں کا سہارا ہو آنکھوں کی ٹھنڈک
گورو میرے نورِ نظر شاہ نانک
عزیز اب مشاغل کی یہ انتہا ہے
وظیفہ ہے شام و سحر شاہ نانک .

پيارا ڪنئيا

مُکڙي جي تون کر باغ وڏو ڪنئيا
اڄي ٿيندو ڪم ڪيڙو ڪارو ڪنئيا

ڪٿي منهنجو ٿي من ڪٿي شان تنهنجو
تون آهين اباڃ ساڙو ڪنئيا

اکيون آنهن لهه ٿا وساليءَ جي مارئو
ٿيو ساه سڄڻ آڏارو ڪنئيا

نبي سوز غم سان ڏ بيتاب دل تي
وهيو ناهر تي ڪوڏ ڀارو ڪنئيا

اچا آب آئينہ جان ڪيڙي نسبت
اسين محو تون پيارو ڪنئيا

حباب آب سچ کي ڏ ساڻ کان ڪڍجين
لکي ڪيڻ تو بطين لهارو ڪنئيا

اتي موهني روپ ۾ ڪيڙو جادو
پيارن کان آهين پيارو ڪنئيا

جهلو نيڪ تنهنجي جهيڙيل لي تي جت ڪٿ
ڪريل جو تون آهين سهارو ڪنئيا

مران ماءِ ڏ انديشو ماري جي تنهنجو
ٻرو آهہ ڪلنيءَ جو ٽارو ڪنئيا

ڪٿان لوڪ لڪندو، ڪٿان ڪوڙ ٿيندي
نظر تو اجي بيو نہ چارو ڪنئيا

عزيز اصل کان تنهنجي در جو گدا تي
پسي پيو ڪرم جو نظارو ڪنئيا.

شاہ نانک

مرے قلب میرے جگر شاہ نانک
مرے درد کا چارہ گر شاہ نانک
تڑپتا ہون فرقت مین تیری مسیحا
بڑہا حد سی دردِ جگر شاہ نانک
بھنور مین پھسا آ کے میرا سفینہ
خبر لو خبر لو خبر شاہ نانک
جگت کا اُجارا چمکتا ستارہ
اندھیرے کا رشکِ قمر شاہ نانک
تری جستجو مین بہت خاک چھانی
پھرون تابکی دربدر شاہ نانک
ذرا روے روشن سی پردہ ہٹاؤ
کرو شام غم کی سحر شاہ نانک
تمنّا ہے یون جان تن سی جدا ہو
ہو سر برسرِ سنگ در شاہ نانک
مکانْ مین نہین لامکان مین نہین ہو
کہان ہے تمہارا گذر شاہ نانک
دمِ نزع اے کاش نکلی زبان سی
وہ آیا مرا چارہ گر شاہ نانک
مرے وہم سی بھی کہین دور ہو تم
کہان مجھکو اِتنی نظر شاہ نانک
دلون کا سہارا ہو آنکھون کی ٹھنڈک
گورو میرے نورِ نظر شاہ نانک
عزیز اب مشاغل کی یہ انتہا ہے
وظیفہ ہے شام و سحر شاہ نانک۔

پيارا ڪنئيا

ڳليءَ جي تون ڪر پاڻ وارو ڪنئيا
اجي پنهنجو ڪم ڪجهڙو ڪارو ڪنئيا

ڪٿي منهنجو تن من ڪٿي شان تنهنجو
تون آهين ايمان سارو ڪنئيا

اڳئي آئين لئہ نارسائيءَ جي مارئہ
ٿيو ساهه سيرين آڌارو ڪنئيا

لهي سوز غم سان نہ بيتاب دل تي
رهيو ياهہ لئي ڪونہ ٻارو ڪنئيا

اها آب آئينہ جانءِ ڪهڙي نسبت
اسين محو تون نيارو ڪنئيا

حجاب آبو سج کي نہ سايہ کان ڪڏهن
لڪي ڪيئن تون ٻٽين لڄارو ڪنئيا

اٿئي موهني روپ ۾ ڪهڙو جادو
پيارن کان آهين پيارو ڪنئيا

جهلو ٻيڪ تنهنجي جهڙيل لئي تي ڪٿ
ڪريل جو تون آهين سهارو ڪنئيا

مران مان، نہ انديشو ماري جي تنهنجو
نرو آهہ ڳلتيءَ جو ڳارو ڪنئيا

ڪٿان لوڪ لکندو، ڪٿان ڪوڙ ٽبندي
نظر تو اجي نبو نہ چارو ڪنئيا

عزيز اصل کان تنهنجي در جو گدا تي
پسي پيو ڪرم جو نظارو ڪنئيا.

اي نطق ده زبان گويائي ما

وي نور فزاي چشم بينائي ما

با نام عزيز خويش يارب

معمور بساز كنج تنهائي ما

ڏڏڙ ٿڃي وڃي ڌرتي ڌرا تي
سڀ خاڪي ملي ڪريا سما ڪي
ڏيکاريا چرخ جا ڌرتيءَ نظارا
لڙاڪن ليڙ جهڙ ۾ چنڊ تارا

بهادرن جي مار و مار:

متي مالڇڪن تي مار و مار هر سو — لڙاڪن جي ٿي وار و وار هر سو
سڀ سپاهي جلد ٿا ٿي لڙ ليڙن — ڪيو دم ۾ بند تي خونريز ليڙن
ڪري بندي تي بچا ليڪ ڪنڌ ڪن جا — پڳا سندن ڪان پالن سنڌ ڪن جا

سرفروشي:

فدائي ملڪ تان قربان ٿيا ٿي
فدائي سر مري بيجانْ ٿيا ٿي
لڏي ڪوسيءَ جو ڪنهڪي هو نه ساڳو
مرڻ کان مانُ هو سڀ تي مهانگو

وطن جي حب:

سڄائي آه هيڪڙ زندگي سا — فدا ٿي ملڪ ۽ ملت مٿان جا
وطن تان سر نه قربانْ جان قربانْ — انهيءَ تان دين ۽ ايمان قربانْ
محبت تي وطن جي ٿي صداقت — صداقت تي سچي آهي محبت
محبت ملڪ جي سڀ کان ٿي بهتر — نه بهتر ڪار اهڙي ٿي سراسر

فقط والسلام

محمد عبدالله (بسمل)
نڪراني

۱۴ جنوري ۱۹۳۸

باهر آرام دل کي کهڙو اچي
قلب ۾ تيو جڏهين قرار اڻ لڀ

مست، ساقي ڇون پيار پيار
مون کي تنهنجو کپي پيار اڻ لڀ

مثنوي

مثنوي، شاعريءَ جي ڪتاب جو هڪ ضروري باب آهي.
مثنوي لکڻ وقت شاعر کي جيڪي لوازما جهلڻا تا پون، تن مان
تسلسل ۽ صورت نگاري سڀ کان مقدم آهن. صورت نگاريءَ
۾ هرهڪ حقيقت جو نقشو چٽو تو پوي، رزم يا بزم، غم و غصو،
خوشي ۽ اندوه، حسن جي تعريف ۽ عشق جي بيتابي وغيره کي
اهڙي صفائيءَ ۽ ندرت سان تو لکجي جو اصلي واقعو لفظن
جي آئيني ۾ پڌرو ٿيو بيهي. مسٽر عزيز جي مثنويءَ ۾ اهو جوهر
اعليٰ اسلوب سان نباهيل آهي؛ پر سين ڳالهين کان وڌيڪ جنهن ...
ڳالهه ڏي بامذاق دلين جو لاڙو آهي اها آهي رزم؛ جنهنجو ...
۾ شجاعانه جذبات پيدا ڪرڻ جو خيال وڌيڪ اَهم آهي. اگرچ...
سنڌي شاعريءَ ۾ رزم جي صورت اچا تائين پست آهي ۽ ...
جذبات جي بهادر دلين ۾ جوش پيدا ڪندڙ هجن سي ڪو ...
قلمبند نه ڪري سگهيو آهي، مگر تنهن هوندي به مسٽر عز...
جيڪي ڪجهه لکيو آهي اُن مان سندس مرد ميدان هجڻ ...
ساک ملي ٿي، جيئن نه

لڙائيءَ جو خوفناڪ نظارو:

لڳي نوبت، وڳا هر سو نقارا
ٻري ويا چوطرف ميدان سار...

وٺي ڏڪڻي وٺي يڪدم فلڪ کي
ڏسي تيغ و سنان جي هن جهلڪ ک...

[illegible] عشق جي موت کان بچائي

[illegible] ٿي ڪڪ [illegible] موت

[illegible] لکيو اٿس:

[illegible] دلبر

[illegible] جي مشڪل تو ڪرڻو جوتا

[illegible] مرڻ تنهنجي ڪي

معلوم ٿو ٿئي تہ عشق جي واديءَ ۾ قدم رکندي عزيز

صاحب کي ناامديءَ ڏاڍو گهيريو آهي، جنهن ڪري بي اختيار ٿي

عشق موڙ ڪري ٿو:

هر قدم تي ٿي آڳي صحرا قيامت تو ڪري

ناامدي تي ٿي دامن منزل ومتار جو

شيخ سعدي عليہ الرحمة جي چوڻ موجب جيڪا هن

لقمان حڪيم بي ادبن کان ادب سکيو آهي تہ عزيز جو ادب آموز

خيال انهن کان معرفت جو سمجهايل ٿو. هيٺين بيت مان سندس

نظرت شناسي معلوم ٿئي ٿي:

عجيب نرگس بيمار باغ عالم خراب آهي

سرمو اندي کان مليوسون نور جي ابرار جا

سازش:

موت ۽ تنهن جي ڪيو جا ٿيد عزيز

موت جو ٻڌنگ اختيار آهي ويو عاشق ناچار

خراب آهي خراب ٿي

بي پرواهي:

حسن جي بي تو تلو ٿو

لڙڪن کي سمجهي شمع جدان تي فرياد ڪيڙي باعث

روئي اي دل ڪرين ٿي

حسن تخيل

عزيز صاحب جي شاعريءَ جو اعليٰ جوهر حسن تخيل آهي

هتي اچي جنهن جو ڪمال ظاهر ٿئي ٿو. عزيز جو خيال ڪڏهن

جوش جنون ۾ اچي اُڀري خاڪ اڏائي ٿو جو آسمان تهيو بون

ڪريان ها؛ پيو ته آرسيءَ ۾ توکي پنهنجو منهن ڏيکاري ثابت
ڪريان ها تہ اڄ تنهنجي جلوه آرائين جي ڪهڙي بهار آهي.
عجيب لاجواب ۽ دلڪش شعر آهي:

وچير ناهي اڳي جانِ آئينو ڳالهه ڪهڙي ڪريان صفائي جي

حسن اسلوب ۾ عزيز صاحب جي نازڪ خيالي ڏسو!
عاشق فنا في المحبوب تي پنهنجي بي نشاني قائم رکڻ تو گهري،
انلاءِ محبوب کي عرض ڪري ٿو تہ منهنجي رت جي قطرن سان
پنهنجي دامن رنگين نہ ڪر، ڇو تہ اُن مان بہ منهنجي هستي
ثابت ٿيندي. مضمون جي بلندي واقعي قابل داد آهي.

رهڻ ڏي تا قيامت يار منهنجي بي نشاني کي
وهائي خون منهنجو پنهنجو دامن لُر ڪريو ڇو ٿا

محبوب جي بيوفائيءَ جي شڪايت ڪندي بہ عشق جي
ادب کي نظر انداز نٿو ڪري، بلڪ پنهنجي قسمت کي ڏوهہ
ٿو ڏئي.

ٿيو هڪ نہ يار پورو، هئي منهنجي ڪوئي قسمت
نہ تہ وعدو تنهنجو جيڪو ڪيئن بار بار ٿي ها

عزيز جو هيئنيون بيت جذبات سان ڀريل آهي: هن ۾ يار
کي چاره ساز ۽ موت کي غمگسار ڄڻي پنهي جي نہ اچڻ تي
روئي ٿو. وري "ڪوته" جي محاوره بيت جو اسلوب ڏاي؛
حسرتناڪ بنايو آهي:

شبِ هجر يار نايو نہ عزيز موت آيو
ڪوته چاره ساز تي ها ڪوته غمگسار ٿي ها

ڇوي ٿو تہ محبوب جو تير جيڪڏهن هميشہ لاءِ جگر ۾
رهجي وڃي ها تہ ڦتڪڻ ۽ لڇڻ جون لذتون وندو رهان ها.
عجيب لاجواب بيت آهي:

جدّت اسلوب الهي ۽ طرز بيان کي چوندا آهن، جنهن ۾ شاعر ڪنهن معمولي مضمون يا ڪنهن تشبيهه ۽ استعاره کي نئين نموني ۾ ادا ڪري، ۽ حسن ۽ عشق، وصال ۽ فراق، اخلاقي ۽ ناصحانه خشڪ مضمون، جي قديمي شاعر لکي ويا آهن، انهن پراڻن خيالن کي جديد لباس ۾ ظاهر ڪري، جنهن مان شاعر جي طبيعت جي قوت ايجاد ۽ طرز بيان جي رنگينيءَ جو پتو پوي.

عزيز صاحب جي ڪلام ۾ اهو جوهر بخوبي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هن پراڻن خيالن کي اهڙي اسلوب سان ظاهر ڪيو آهي جو نوان ۽ خاص سندس حصو ٿي ويا آهن. هتي اهي عنوان ۾ ڪي خاص بيت ڏجن ٿا، جن مان سندس طبيعت جي رسائي معلوم ٿي سگهندي.

هي خيال ته ٿمت سدائين وهندا رهن ٿا، پراڻو ۽ معمولي مضمون آهي، مگر عزيز صاحب جوئي تو نه محبوب جي تلوار کا اهڙي جرب بيالي ڪئي آهي، جنهن لي موهجي ٿمت بسمل جي اندر جو راز ڏيکاريندا رهن ٿا. ڪهڙي نه اسلوب سان هڪ معمولي ڳالهه کي دلاويز ۽ نئون ڪري جڏيو اٿس!

الیغ ڪو اهڙو بسايو سبز باغ جو وڏو ڪولي ٿمن بسمل جو راز

شاعر هميشه چوندا آهن ته محبوب جي حسن مان باغ کي طراوت ملي ٿي، مگر ساڳيو مضمون عزيز نئين رنگ سان ادا ڪيو آهي.

لڪائين هي ڳهڙي اڏ لون گل رخسار پنهنجي کي
چمن جو منهن ته ماڻي سال جيڪر رنگ و بو دلبر

عزيز جي جدّت اسلوب جو خاص انداز هن بيت مان
وڌ محبوب جي حسن جي تعريف سا ته سندس روبرو
مگر ان ۾ ٻه پهلو رکيا اٿس؛ هڪ ته جيڪڏهين آرسي
ها ته لنهنجي حسن جي آسمانيب جي اُن سان پيت

ڪريان ها، پيو تہ آرسيءَ ۾ توکي پنهنجو منهن ڏيکاري ثابت ڪريان ها تہ اڄ تنهنجي جلوه آرائين جي کهڙي بهار آهي. عجيب لاجواب ۽ دلڪش شعر آهي:

وڇم ناهي اڳي جان آئينو ڳالهہ کهڙي ڪريان صفائي جي

حسن اسلوب ۾ عزيز صاحب جي نازڪ خيالي ڏسو! عاشق فنا في المحبوب ٿي پنهنجي بي نشاني قائم رکڻ ٿو گهري، انلاءِ محبوب کي عرض ڪري ٿو تہ منهنجي رت جي قطرن سان پنهنجي دامن رنگين نہ ڪر، ڇو تہ اُن مان بہ منهنجي هستي ثابت ٿيندي. مضمون جي بلندي واقعي قابل داد آهي.

رهڻ ڏي تا قيامت يار منهنجي بي نشاني کي
وهائي خون منهنجو پنهنجو دامن تر ڪريو ڇو تا

محبوب جي بيوفائيءَ جي شڪايت ڪندي بہ عشق جي ادب کي نظر انداز نٿو ڪري، بلڪ پنهنجي قسمت کي ڏوهہ ٿو ڏئي.

تيوهڪ نہ يار پورو، هئي منهنجي کوٽي قسمت
نہ تہ وعدو تنهنجو جيڪر ڪيئن بار بار ٽٽي ها

عزيز جو هيٺيون بيت جذبات سان پريل آهي: هن ۾ يار کي چاره ساز ۽ موت کي غمگسار ڄاڻي بنهي جي نہ اچڻ تي روئي ٿو. وري ”ڪوتہ“ جي محاوره بيت جو اسلوب ڏاڍو حسرتناڪ بنايو آهي:

شبِ هجر يار نايو نہ عزيز موت آيو
ڪوتہ چاره ساز ٿي ها ڪوتہ غمگسار ٿي ها

چوي ٿو تہ محبوب جو تير جيڪڏهن هميشہ لاءِ جگر ۾ رهجي وڃي ها تہ ڦٿڪڻ ۽ لڇڻ جون لذتون وندو رهان ها. عجيب لاجواب بيت آهي:

تيرِ نگاهہ ناز جگر مان ٿي پار ويو
ارمان دل ۾ رهجي ويو تنهنجي قتيل جو

جدت اسلوب آهي، طرز بيان کي چوندا آهن، جنهن ۾ شاعر ڪنهن معمولي مضمون يا ڪنهن تشبيهه ۽ استعاره کي نئين نموني ۾ ادا ڪري، ۽ حسن ۽ عشق، وصال ۽ فراق، اخلاقي ۽ اصلاحي خشڪ مضمون، جي قديمي شاعر لکي ويا آهن، انهن پراڻن خيالن کي جديد لباس ۾ ظاهر ڪري، جنهن مان شاعر جي طبيعت جي قوت ايجاد ۽ طرز بيان جي رنگينيءَ جو پتو پوي.

عزيز صاحب جي ڪلام ۾ اهو جوهر بخوبي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هن پراڻن خيالن کي اهڙي اسلوب سان ظاهر ڪيو آهي جو زبان ۽ خاص سنڌس حصو ٿي ويا آهن. هتي انهي عنوان ۾ ڪي خاص بيت ڏجن ٿا، جن مان سندس طبيعت جي رسائي معلوم ٿي سگهندي.

هي خيال ته قمت سڏائين وهندا وهن ٿا، پراڻو ۽ معمولي مضمون آهي، مگر عزيز صاحب چوي ٿو ته محبوب جي تلوار ڪا اهڙي جوت ڀائي ڪئي آهي، جنهن تي موهجي قمت بسمل جي اندر جو راز ٻڌائيندا وهن ٿا. ڪهڙي نه اسلوب سان هڪ معمولي ڳالهه کي دلاويز ۽ نئون ڪري جڏيو اٿس!

لبع کو اهڙو پسايو سبز باغ جو وڏو ڪولي قتل بسمل جو راز

شاعر هميشه چوندا آهن ته محبوب جي حسن مان باغ کي لطاوت ملي ٿي، مگر ساڳيو مضمون عزيز نئين رنگ سان ادا ڪيو آهي.

ڪانئين جي ڳهڙي اڌ تون گلِ رخسار پنهنجي کي
چمن جو منهن نه ماٺي سال جيڪر رنگ و بو دلبر

عزيز جي جدت اسلوب جو خاص انداز هن بيت مان معلوم ٿيندو: محبوب جي حسن جي تعريف سا به سنڌس روبرو ڪري ٿو، مگر ان ۾ نه پهلو رکيا اٿس: هڪ ته جيڪڏهين آرسي ها ته تنهنجي حسن جي آبِ تاب جي آن سان پيت

کريان ها؛ پيو تہ آرسيءَ ۾ توکي پنهنجو منهن ڏيکاري ثابت
کريان ها تہ اڄ تنهنجي جلوه آرائين جي کهڙي بهار آهي.
عجيب لاجواب ۽ دلڪش شعر آهي:
وڃي ٿاهي اڳي جانِ آئينو ڳالهه کهڙي کريان صفائي جي
حسن اسلوب ۾ عزيز صاحب جي نازڪ خيالي ڏسو!
عاشق فنا في المحبوب تي پنهنجي بي نشاني قائم رکڻ تو گهري
انلاءِ محبوب کي عرض کري تو تہ منهنجي رت جي قطرن سان
پنهنجي دامن رنگين نہ کر، ڇو تہ اُن مان بہ منهنجي هستي
ثابت ٿيندي. مضمون جي بلندي واقعي قابل داد آهي.
رهڻ ڏي تا قيامت يار منهنجي بي نشاني کي
وهائي خون منهنجو پنهنجو دامن تر کريو ڇو
محبوب جي بيوفائيءَ جي شڪايت ڪندي ۾ عشق جي
ادب کي نظر انداز نٿو کري، بلڪ پنهنجي قسمت کي ڏو
تو ڏئي.
تيوهڪ نہ يار پورو، هئي منهنجي ڪوئي قسمت
نہ تہ وعدو تنهنجو جيڪر ڪيئن بار بار ٽي
عزيز جو هيٺيون بيت جذبات سان ڀريل آهي: هن
کي چاره ساز ۽ موت کي غمگسار چئي بنهي جي نہ اچڻ
روئي تو. وري ”ڪوتہ“ جي محاوره بيت جو اسلوب
حسرتناڪ بنايو آهي:
شب هجر يار نايو نہ عزيز موت آيو
ڪوتہ چاره ساز تي ها ڪوتہ غمگسار تي
چوي تو تہ محبوب جو تير جيڪڏهن هميشہ لاءِ
رهجي وڃي ها تہ ڦتڪڻ ۽ لڇڻ جون لذتون ونندو رهي
عجيب لاجواب بيت آهي:
تيرِ نگاه ناز جگر مان تي پار ويو
ارمان دل ۾ رهجي ويو تنهنجي قتيل

حدّت اسلوب اهي ۽ طرز بيان کي چوندا آهن، جنهن ۾ شاعر ڪنهن معمولي مضمون يا ڪنهن تشبيهه ۽ استعاره کي نئين نموني ۾ ادا ڪري، ۽ حسن ۽ عشق، وصال ۽ فراق، اخلاقي ۽ ناصحانه خشڪ مضمون، جي قديمي شاعر لکي ويا آهن، انهن پراڻن خيالن کي جديد لباس ۾ ظاهر ڪري، جنهن مان شاعر جي طبيعت جي قوت ايجاد ۽ طرز بيان جي رنگينيءَ جو پتو پوي.

عزيز صاحب جي ڪلام ۾ اهو جوهر بخوبي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هن پراڻن خيالن کي اهڙي اسلوب سان ظاهر ڪيو آهي جو نوان ۽ خاص سندس حصو ٿي ويا آهن. هتي انهي عنوان ۾ ڪي خاص بيت ڏجن ٿا، جن مان سندس طبيعت جي رسائي معلوم ٿي سگهندي.

هي خيال ته قتل سدائين ٿيندا رهن ٿا، پراڻو ۽ معمولي مضمون آهي، مگر عزيز صاحب چوي ٿو ته محبوب جي تلوار ڪا اهڙي چرب بياني ڪئي آهي، جنهن لي موهجي قتل بسمل جي اندر جو راز ٻڌائيندا رهن ٿا. ڪهڙي نه اسلوب سان هڪ معمولي ڳالهه کي دلاويز ۽ نئون ڪري ڇڏيو اٿس!

تيغ ڪو اهڙو پسايو سبز باغ   جو وڏو کولي قتل بسمل جو راز

شاعر هميشه چوندا آهن ته محبوب جي حسن مان باغ کي طراوت ملي ٿي، مگر ساڳيو مضمون عزيز نئين رنگ سان ادا ڪيو آهي.

لڪائين جي گهڙي اڄ تون گلِ رخسار پنهنجي کي
چمن جو منهن نه ماڻي سال جيڪر رنگ و بو دلبر

عزيز جي حدّت اسلوب جو خاص انداز هن بيت مان معلوم ٿيندو: محبوب جي حسن جي تعريف سڀ ڪو سندس روبرو ڪري ٿو، مگر ان ۾ ٻه پهلو رکيا اٿس: هڪ ته جيڪڏهين آرسي موجود هجي ها ته تنهنجي حسن جي آفتاب جي اُن سان پيٽ

عاشق جي حسرتناڪي استعاره جي ندرت ۾ بيان تو
ڪري؛ دل جي ڦوڪڻن ڪي حسرتن جي مزار تصور ڪيو اٿس:
ڦوڪڻا جيترا ها دل ۾ عزيز حسرتن جا ٿيا مزار اڻ ليـ
هيٺين بيتن مان مجموعي طرح با مذاق طبيعتون تشبيهہ ؛
استعاره جو ازخود اندازو ڪري سگهنديون ، جن ۾ عزيز صاحب
نڪتہ نوازي ڪئي آهي:

تجاهل عارفانہ
هُو ڪير هو جو شمع جي دل کي جلائي ويو
پروانہ ڳوليندا رهيا ڪٺندا چراغ شمع

ضبط جو نظارو
خاموش مثل شمع نہ ڪوئي جلي سگهيو
پروانہ ٻڌڻي سيني لڳايو سراغ شمع

جلڻ جو جوش
پروانا پي رهيا ها ميءِ آتشين جو جام
محفل ۾ ساري رات پي چلڪيو اياغ شمع

مصيبت تي مصيبت
شبِ هجر ۾ تنهنجي زلفن جو سودا
مصيبت لي آهي مصيبت پيارا

سچائيءَ ۽ صفائيءَ جي تلقين
نہ رک پنهنجي دل ۾ ڪدورت پ
خدا آهہ توکي ڪيو آئينہ رو
پويون بيت ، اخلاقي تعليم بابت هڪ وڏي شرح
متن آهي.

جدّت اسلوب

شاعري فقط لفظن ؛ قافيہ ؛ رديف جي پابنديءَ جو
نہ آهي؛ دل جا جذبا ؛ جدا جدا مضمون اهڙي سهڻي ؛ دل
پيرايہ سان بيان ڪرڻ گهرجن جو بندڙن ڪي موهي ڇ

هيٺين بيت ۾ هڪ عجيب تشبيهه پيش ڪئي اٿس:
عاشق جي سالن ۽ تماشي نگاهه کي پنڌ جي پيالي جهڙي تمنّا تو
ڪري ته ديدار جي هڪ پائي (آوري ۾ آورو) مان نصيب ٿئي.
پائي ديدار من لئي تنهنجو نصيب چشم جمني ٿي هڪ گدائي جي

محبوب جي خواب ناز جي تعريف ۾ چوي ٿو ته اها
منهنجي سنل قسمت آهي ۽ هن کي تشبيهه بالڪنايہ ڏيندڙ آهن.

شب وصل تارا لڪندي وها بر
ستل هئي ڪٿي منهنجي قسمت پيارا

استعاره

تشبيهه وانگر عزيز صاحب جي استعاره جو رنگ به نرالو
آهي، جنهن ترڪمت جو ضرور رنگ نڪل وهي ٿو، جنهن ته
محبوب جي شوق ۽ جدائيءَ ۾ اکين مان لڙڪ وهن ٿا، مگر عزيز
پنهنجي پگل دل کي شيشو جهڙي لڙڪن کي شوق جو شراب تصور
ڪري ٿو:

اکڙين مان جو وهي ٿو مئِ شوق هتر ۾
ٿاس ٿيو ته شيشءُ دل چور چور آهه

شاعرن جو تيز خيال ڪڏهن ڪڏهن پاڻيءَ ۾ به باه لڳائي
جڏيندو آهي، ۽ اڪثر انهن جي اها دعوىٰ خيالي هوندي
آهي، مگر مسٽر عزيز پنهنجي گرم لڙڪ مان عجب نمولي سان پاڻيءَ
۾ باه لڳائي ٿو:

جناب عشق پاڻي ۾ ته جا آتش لڳائي آهه
اکين جو لڙڪ ٿي همشڪل آهِ آتشين لڪتو

استعاره جو زور هن بيت ۾ ڏسو! عاشق جي ويران دل
۽ اغيار جي ويران گهٽي گويا ويرانيءَ ۾ ويرانو آهي:

اغيار جي ڪوچي ۾ رک لاش ته لون منهنجو
ظالم جو بنائين تـو ويرانيءَ ۾ ويرانـو

مثلاً، حسن جي صفائي بيشڪ حيرت ۾ وجهندڙ آهي، مگر
۾ شوخي پيدا ڪري قتل جو سامان مهيا ڪرڻ عزيز صاحب
ي نازڪ خياليءَ جو ڪم آهي؛ آئيني ۽ خنجر جي تشبيهه
بل غور آهي.

صفائي حسن جي ۾ آئي ٿي قاتل ڪٿان شوخي
مثالي آئيني کي صورتِ خنجر ڪريو ڇو ٿا

هينئين بيت ۾ فراق جي ڪاريءَ رات کي اکين جي تر
سان تشبيهه ڏني اٿس، ۽ چوي ٿو تہ اکين جي اڳيان جا اِها
سياهي رهي ٿي، تنهنجو سبب هي آهي جو فراق جي هيڏي
ڊگهي رات تہ ٻڌجي اچي اکين ۾ گهر ڪيو آهي.

ٿي دُور تہ اکين کان نہ منظر فراق جو
تہ ٻڌجي رهجي ويئي شبِ غم نگاهہ ۾

پنهنجي سر کي محبوب جي دروازي کان پري نہ ڪرڻ
جي دعوىٰ ڪري ٿو، مگر ان لاءِ دليل ڪهڙو نہ لاجواب پيش
ڪيو اٿس! سر ۽ در، پرڪار ۽ نقطي جي مناسبت پڌري آهي:

ٿيندو هي سر سندم نہ درِ دوست کان الگ
نقطو ڪڏهن ٿيو مرڪز پرڪار کان جدا

ساڳيو مضمون ٻئي رنگ ۾ ادا ڪري ٿو-

اُڇليو نہ منهنجو لاش درِ دوست کان پري
سايي کي هيٺ ڪريو ٿا ڇو ديوار کان جدا

عاشق جدائيءَ ۾ رئڻ کان رهي نہ ٿو سگهي، هونئن بہ در
وارو روئي پنهنجي دل هلڪي ڪندو آهي. عزيز صاحب انه
ڳوڙهن کي عاشق بيمار جو آب دانو (ڇُوٽو پاٽي) سمجهي ٿـ
لڙڪ جي داٽي ۽ پاٽيءَ سان ڪهڙي نہ سٺي تشبيه ڏيکاري اٿس

حڪم آهي هجر ۾ ڳوڙهو نہ نڪري اک منجهان
آب دانہ ڇو ڪيءَ بيمار جو اي يار بند

فصاحت، بلاغت، تشبيهه ۽ استعارہ، جي مشرقي شاعريءَ جي
جهوري جو آب و تاب آهن، سي سندس شعر ۾ اعليٰ درجي تي
نمايان آهن.

مسٽر عزيز جي ڪلام تي غائر نظر وجهندي هيٺين چئن قسمن
۾ ورهائي سگهجي ٿو:- (۱) تشبيهه ۽ استعارہ (۲) جدت اسلوب
(۳) حسن تخيل (۴) محاورہ.

تشبيهه ۽ استعارہ

اگرچه تشبيهه ۽ استعارہ جو ميدان شاعرن جي سمند طبع
جي جولانين اهڙو پامال ڪري ڇڏيو آهي جو هتي جو نظارو
نازڪ مزاج طبيعتن کي واديءَ وحشت کان گهٽ نظر نٿو اچي، مگر
جاڪاڻ ته مشرقي مذاق انهيءَ شاهد رعنا جي جلوہ آرائين کان
اکيون ٿوراٿي نٿو سگهي، تنهنڪري مسٽر عزيز به تشبيهه ۽ استعارہ
سان نظر اڙائي آهي مگر سخت احتياط سان. هن تشبيهه ۽ استعارہ
کان اهتري قدر ڪم ورتو آهي جيتري قدر شعر جي عمدگيءَ لاءِ
ضرورت محسوس ڪئي اٿس. هن بي شمار تشبيهن جي رنگ
ڏيارڻ سان ڪلام کي ملمع چاڙهڻ نه چاهيو آهي، ان ڪري انهن
کي اهڙي رنگ سان آندو اٿس جو هڪ طرف شعر جي خوبي
دوبالا ٿي آهي ته ٻئي طرف هڪ نازڪ خيالي پڻ پيدا ٿي پيئي آهي.
مثلاً، هي خيال ته وارن مان محبوب جو منهن ڏسي نٿو
سگهجي، ان کي تشبيهه جي پيچ ۾ اهڙو گهڙگهر ڪري لکيو
اٿس جنهن مان سندس لکت آمرنيءَ جو زور معلوم ٿئي ٿو.

> حائل ڏسي هي زلف رخِ رشڪ ماہ ۾
> زنجير پئجي ويا منهنجي پاي نگاہ ۾

زلف جي زنجير سان تشبيهه پڌري آهي، ۽ وري نگاہ
جو رڪجي وڃڻ به حقيقي آهي، گويا نگاہ جي پيرن کي زلفن
ڏسڻ کان قيد ڪري ڇڏيو آهي.

مقدمه

مشکل حکایتیست کہ ہر ذرہ عین اوست
امّا نمي توان کہ اشارت بہ او کنند

حيدرآباد سنڌ جي مردمخيز زمين پنهنجي شاعريءَ جي تواريخ ۾ ڪهڙا ارباب ڪمال شاعر ۽ نڪته نواز سخنور پيدا ڪيا آهن اِهو داستان ڊگهو آهي، پر جيڪڏهن هي سوال ڪجي ته هنن جي عهد ۾ سنڌي شاعريءَ ڪهڙي ترقي ڪئي آهي، زبان جي صفائي ۽ خيالن جي وسعت ڪٿي وڃي پهتي آهي، ۽ شاعريءَ جا مختلف عنوان، حسن اسلوب، بندش جي خوبي، مضمونن جي بلندي، طرز ادا جي ندرت، محاورن جي ڪثرت، تخيل، تشبيهه، استعاره، جدت، جوش بيان، وغيره ڪهڙي بلند پايه تي پهتا آهن ته ان جي جواب ڏيڻ لاءِ وڏيڪ دردسري ڪرڻ ۽ ورق گردانيءَ جي ڪا به ضرورت ڪانهي. مسٽر عزيز جو ڪلام حاضر آهي، جنهن ۾ شاعريءَ جي هر هڪ پهلوءَ جا اهڙا لاجواب مثال پيش ٿيل آهن، جي هر ڪنهن قادرالڪلام سخنور جي شعر ۾ هجڻ گهرجن.

عزيز صاحب حيدرآباد سنڌ جي اُنهن بلند پايه شاعرن مان آهي، جنجو هر هڪ شعر خود مقبوليت جو سرٽيفڪيٽ آهي. سندس شعر ۾ اُهي خوبيون ۽ صفتون موجود آهن، جي سخن شناس جي نظر ۾ شاعريءَ لاءِ لازمي آهن. ڪلام جي مطالع مان واضح ٿيندو ته فارسيءَ جو استاد يا اردوءَ جو مستند شاعر سنڌي لباس زيب تن ڪري رهيو آهي. شاعريءَ جون خاص وصفون، جنڪي نازڪ خيالي ۽ معنيٰ آفريني چون ٿا، سي هن جو خاص حصو آهن.

عرض مصنف

برگ سبز ست تحفۀ درويش
چه کند بينوا همين دارد

منهنجي "ڪليات" ليار ٿي ڪجهه عرصو ٿيندو، مگر دل مان پئي هنيم ته ڇپائي شائع ڪريان يا نه. آخر ڪن دوستن مونکي زور ڀريو ته وقت جي للوار تيز ۽ ڇپائي ناپائدار آهي، تنهنڪري جيترو جلد ڪليات ڇپائي پڌرو ڪندين اوترو بهتر. آخر پنهنجي دماغ سوزيءَ جو نتيجو علم و ادب جي شائقن ۽ سنڌي شعر و سخن جي قدردانن مهيدان پيش ڪريان ٿو.

مونکي هي فخر نه آهي ته دنياءِ شاعريءَ جي شهنشاهن سان ڪلهو هنيو اٿم يا نظر جو اعليٰ ترين نمونو ليار ڪيو اٿم. هائو، مگر اها خوشي اٿم ته باغ سخن جا گلچين جيڪڏهين منهنجي لڳايل چمن مان ڪوهڪ گل به پسند ڪندا ته ضرور داد ڏيئي عزيز لاءِ دعاءِ خير جو هديو موڪليندا، جو هن بي ثبات دنيا ۾ منهنجو اصلي مقصد آهي.

پڇاڙيءَ ۾ هن چوڻ کان دل نٿي رهم ته انسان غلطين ۽ خطائن جو گهر آهي. ممڪن آهي ته ڪي چڪون مون کان نظرانداز ٿي ويون هجن، تنهنڪري جيڪڏهن ڪنهن به شعر ۾ سڄڻ نظر اچي ته مونکي آگاه ڪري فرمائيندا ته عنايت کان بعيد نه ٿيندو.

ليکراج ڪشنچند (عزيز)

نوٽ - مونکي ارمان آهي ته جنهن ڪاغذ تي ڪليات ڇپجي رهيو هو، سو اپترو نه ملي سگهيو جو مثنوين لاءِ به ڪافي ٿئي ۽ تنهنڪري لاچار مثنوين لاءِ جدا ٻيو ڪاغذ ڪم آندو ويو آهي.

ازالسواءِ اردو شعرن منجهه جتي ٽائيپ جي ياءِ مجهول نه ملي سگهي آهي اتي "ي" جا نقطا ڪاٽيا ويا آهن.

حيدرآباد سنڌ
٣١ جنوري ١٩٣٨ع

"عزيز"